# اسان ڪربلا مان ڇا سکيو؟

04-August-2022



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

4 آگسٽ، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# اسان ڪربلا مان ڇا سکيو؟

## هن بيان ۾ اوهان ڇاڻي سگهندؤ

- ... غير مسلم مسلمان ٿي ويو...!!
- ... زمين ۽ آسمان رُنا، رت جي برسات ٿي
- ... يزيد پليد جو بُرو ڪردار ۽ دَرسِ عبرت
- ... شيطان جي پيروي ڪرڻ يزيدي ڪردار آهي

پيشڪش
مجلس اَلْمَدِيْنَۃُ الْعِلْمِيہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبه بياناتِ دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درود شريف جي فضيلت

بي چين دِلين جي چَين، ناناء حسنين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي: جڏهن جمعرات جو ڏينهن ايندو آهي، اللّٰه پاڪ ملائڪن کي موڪليندو آهي، انهن وٽ چانديءَ جا ڪاغذ ۽ سون جا قلم هوندا آهن، اهي لکندا آهن: ڪير خميس جي ڏينهن ۽ شبِ جمعه (يعني خميس ۽ جمعي جي وچين رات) مون تي ڪثرت سان درودِ پاڪ پڙهي ٿو.[1]

مصطفٰے جانِ رحمت پہ لاکھوں سلام | شمعِ بزمِ ہدایت پہ لاکھوں سلام
ہم غریبوں کے آقا پہ بے حد درود | ہم فقیروں کی ثَروَت پہ لاکھوں سلام[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْبِ! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سٺي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي.[3]

---

1... تاريخ دمشق، جلد:43، صفحه:142۔

2... حدائقِ بخشش، صفحه:295-298 ملتقطاً۔

3... مسند فِردَوس، جلد:4، صفحه:305، حديث:6895۔

اي عاشقانِ رسول! چڱين چڱين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجهه سنيون سنيون نيتون ڪريون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ۞ رضاءِ الٰهي جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ با اَدَب ويهندس ۞ خوب تَوَجُّہ سان بيان ٻُڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس. اِنْ شَآءَ الله الْكَرِيم!

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غير مسلم مسلمان ٿي ويو...!!

علامہ اِبنِ حجر مڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: ڪربلا جي واقعي کان بعد جڏهن بدبخت يزيدي امامِ عالي مقام، حضرت امام حُسَين رَضِيَ اللهُ عَنْه جو سَر مبارڪ نيزي تي بلند ڪري ملڪ شام ڏانهن ڪٽي پئي ويا، رستي ۾ هڪ نصراني راهب (يعني ڪرسچين عبادت گذار) جو گِرجا گهر آيو، ان راهب سَرِ انور کي ڏٺو تہ هن بابت ماڻهن کان پڇا ڪيائين، ماڻهن ٻڌايو تہ هي نواسہء رسول، حضرت امام حُسَين رَضِيَ اللهُ عَنْه جو سَر مبارڪ آهي، هي ٻڌندي ئي راهب تڙپي پيو ۽ پليد يزيدين وٽ وڃي چيائين: توهان بُرا ماڻهو آهيو! ڇا 10 هزار اشرفيون وٺي هن ڳالهہ تي راضي ٿيو ٿا تہ هڪ رات هي سَر مبارڪ مون وٽ رهي؟ يزيدي تہ اڳي ئي مال جا بکيا هئا، هڪدم راضي ٿي ويا. راهب توڙي جو غير مسلم هو، پر اُن سَر مبارڪ جو خوب ادب ڪري ان کي غسل ڏنئي، خوشبو لڳائي ۽ سڄي رات پنهنجي هنج ۾ رکي ان کي ڏسندو رهيو، ان سَر مبارڪ مان هڪ نُور آسمان ڏانهن طرف بلند ٿيندي ڏٺائين، سَر مبارڪ جي اها ڪرامت ڏسي راهب جي دِل نرم ٿي وئي، سَرِ اَنوَر مان نڪرندڙ نُور راهب جو سينو روشن ڪري ڇڏيو، ان اها رات روئيندي گذاري ۽ صبح جو ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو، هي خوش بخت راهب جيڪو هاڻي ڪلمو پڙهي ناناءِ حُسَين، رحمتِ ڪونين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو غُلام بڻجي چڪو هو، ان پنهنجو گرجو ۽ تمام سازو سامان

ڇڏي باقي زندگي اَهلِ بيت جي خدمت ۾ گذاري ڇڏي.[1]

دولتِ دیدار پائی پاک جانیں بیچ کر کربلا میں خوب ہی چمکی دکانِ اَہلِ بیت[2]

اي عاشقانِ رسول! نصراني راهب امامِ عالي مقام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي سَر مبارڪ جو اَدب ڪيو تہ ان کي ايمان جي دولت نصيب ٿي، ٻي پاسي بظاهر ڪلمو پڙهندڙ يزيدي بدبخت لالچي هئا، انهن جو حِرص، دنيا جي دولت جي هوَس انهن کي تباهه ڪيو، انهن يزيدي بدبختن امامِ عالي مقام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي خيمن مان جيڪي درهم ۽ دينار ڦُريا هئا ۽ جيڪي راهِب کان ورتا هئا، انهن کي ورهائڻ جي لاءِ جڏهن ٿيلهين جا وات کوليائون تہ ڇا ٿا ڏسن جو اهي سڀ درهم ۽ دينار ٺِڪريون ٿيچي ويا هئا، ۽ انهن ٺڪرين جي هڪ پاسي سيپاري 13، سورهءِ ابراهيم جي هي آيت لکيل هئي:

| | |
|---|---|
| وَ لَا تَحْسَبَنَّ اللّٰهَ غَافِلًا عَمَّا یَعْمَلُ الظّٰلِمُوْنَ۬ؕ (پارہ:13،سورۂ ابراہیم:42) | **ترجموڪنزالعرفان:** ۽ (اي ٻڌڻ وارا) هرگز الله کي انهن ڪمن کان بي خبر گمان نہ ڪجان جيڪي ظالم ڪري رهيا آهن. |

۽ ٻئي پاسي سيپاري 19، سورةُ الشُّعَراء جي هي آيت لکيل هئي:

| | |
|---|---|
| وَ سَیَعْلَمُ الَّذِیْنَ ظَلَمُوْۤا اَیَّ مُنْقَلَبٍ یَّنْقَلِبُوْنَ۠(۲۲۷) (پارہ:19،سورۂ شعراء:227) | **ترجموڪنزالعرفان:** ۽ عنقريب ظالم ڄاڻندا تہ ڪهڙي پاسي ڦيرو کائيندا. |

اي عاشقانِ صحابه ۽ اَهلِ بيت! ڪيتري عِبرت جي ڳالهه آهي! امامِ حُسَين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي سَر مبارڪ جو اَدَب ڪرڻ جي برڪت سان هڪ غير مسلم کي

---

[1]...الصواعق المحرقۃ، الباب الحادی عشر، فی فضائل اہل البیت، صفحہ:246۔

[2]...ذوق نعت، صفحہ:103۔

ايمان جي دولت نصيب ٿي وئي ۽ ٻي پاسي يزيدي بدبختن تي ڦِٽڪار ٿي، انهن جي بُرن ڪرتُوتن جي نتيجن جي هڪ ادنيٰ جهلڪ انهن کي ڏيکاري وئي، انهن جي سون چاندي جا سِڪا ٺڪريون بڻجي ويا، هي قُدرَت جي طرفان هڪ درسِ عبرت هو ته اي بدبختؤ! توهان هن فاني دُنيا جي خاطِر دين کان مُنهن موڙيو، آلِ رسول تي بي انتها ظُلم و سِتَم ڪيو...!! ياد رکو! دِين کان توهان سخت بي پرواهي ڏيکاري ۽ جنهن فاني ۽ بيوفا دُنيا کي حاصل ڪرڻ لاءِ ائين ڪيو اها بہ توهان کي نہ ملي، توهان دُنيا ۽ آخرت ۾ نقصان کڻڻ وارا ٿي ويا.

تم نے اُجاڑا حضرتِ زہرا کا بوستاں | تم خود اُجڑ گئے، تمھیں یہ بددُعا ملی
رسوائے خلق ہو گئے، برباد ہو گئے | مردُودو! تم کو ذِلّتِ ہر دوسَرا ملی
دُنیا پرستو دِین سے منہ موڑ کر تمھیں | دُنیا ملی نہ عیش و طرَب کی ہوا ملی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْبِ! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## امامِ حُسَين رَضِيَ اللهُ عَنْه جو مختصر تَعارُف ۽ فضيلتون

پيارا اسلامي ڀائرو! امام عالي مقام، امامِ تشنہ ڪام، نواسهءِ رسول حضرت امامِ حُسَين رَضِيَ اللهُ عَنْه تمام وڏي رتبي وارا آهن، سندن مبارڪ نالو: حُسَين، ڪنيت: ابوعبد الله ۽ لقب: سِبْطِ رَسُوْلُ اللّٰه (يعني رسول الله جا ڏوهٽا) ۽ رَيحَانَۃُ الرَّسُوْل (يعني رسول جا گل) آهن.[1]

کیا بات رضاؔ، اُس چمنستانِ کرم کی | زَہرا ہے کلی جس میں، حُسین اور حسَن پھول[2]

**وضاحت:** اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هن ڪَرَم ۽ رحمت ڀري گلشن جي ڳالهہ ۽ مثال بابت ڇا چئجي جنهن جي پنکڙي حضرتِ فاطِمة الزَّهراء رَضِيَ اللهُ عَنْها ۽ جنهن جا گل جنتي جوانن جا سردار حضرت امام حسن ۽ حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا آهن.

---

1...ڪراماتِ امام حسين، صفحہ:3۔

2...حدائق بخشش، صفحہ:79۔

(1): حسنين جي نانا، رحمتِ دارين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: حُسَيْنٌ مِنِّي وَاَنَا مِنْ حُسَيْنٍ، اَحَبَّ اللهُ مَنْ اَحَبَّ حُسَيْنًا يعني حُسَين مون مان آهي ۽ مان حُسَين مان آهيان، جيڪو حُسَين سان محبت ڪري، الله پاڪ ان سان محبت فرمائي ٿو.[1] (2): هڪ حديثِ پاڪ ۾ فرمايو: حَسَن ۽ حُسَين سان جنهن محبت ڪئي، ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن انهن سان دُشمني ڪئي، ان مون سان دُشمني ڪئي.[2] (3): بخاري شريف ۾ روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هُمَا رَيحَانَتَايَ مِنَ الدُّنيَا حَسَن ۽ حُسَين دُنيا ۾ منهنجا ٻہ گل آهن.[3]

اُن دو کا صدقہ جن کو کہا میرے پھول ہیں | کیجئے رضاؔ کو حشر میں خنداں مثالِ گل[4]

**وضاحت:** اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه عرض ڪن ٿا: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اوهان فرمايو: حسن ۽ حسين رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا ٻئي منهنجا گل آهن. هنن ٻنهي جنتي گلن جو صَدقو! احمد رضا کي سياڻي قِيامت جي ڏينهن گل جيان ٽرندو ڪلندو رکجان.

(4): ۽ تِرمذي شريف جي روايت ۾ آهي: حَسَن ۽ حُسَين جنّتي جوانن جا سردار آهن.[5]

امامِ عالي مقام، امامِ حُسَين رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه 5 شعبان المعظم، 4 هجري تي مديني پاڪ ۾ پيدا ٿيا.[6] 55 سال، 5 مهينا، 5 ڏينهن هن دُنيا ۾ جلوه افروز رهيا، 10 محرم الحرام، 61 هجري، جمعي جي ڏينهن ڪين انتهائي مظلوميت سان شهيد ڪيو ويو.[7] سندن حق تي ثابت قدمي، جوان مردي (بهادري)، استقامت ۽ صبر و

---

[1]…ترمذی، ابواب المناقب، صفحہ:857، حدیث:3782۔

[2]…مستدرک، کتاب معرفۃ الصحابۃ، جلد:3، صفحہ:182، حدیث:4777۔

[3]…بخاری، کتاب فضائل اصحاب النبی، باب مناقب الحسن والحسین، صفحہ:949، حدیث:3753۔

[4]…حدائق بخشش، صفحہ:77۔

[5]…ترمذی، ابواب المناقب، صفحہ:855، حدیث:3775۔

[6]…امام حسین کی کرامات، صفحہ:3۔

[7]…سوانح کربلا، صفحہ:170۔

رضا جو سڄي جهان ۾ لازوال مثال قائِم ڪيو.

| | |
|---|---|
| باغِ جنّت کے ہیں بہرِ مدح خوانِ اَہلِ بیت | تم کو مژدہ نار کا اے دشمنانِ اَہلِ بیت |
| ان کی پاکی کا خُدائے پاک کرتا ہے بیاں | آیۂ تطہیر سے ظاہِر ہے شانِ اَہلِ بیت |
| اُن کے گھر میں بےاجازت جبرئیل آتے نہیں | قدر والے جانتے ہیں قدر وشانِ اَہلِ بیت |
| کس شَقی کی ہے حکومت ہائے کیا اندھیر ہے | دِن دِہاڑے لُٹ رہا ہے کاروانِ اَہلِ بیت |
| گھر لُٹانا جان دینا کوئی تجھ سے سیکھ جائے | جانِ عالَم ہو فدا اے خاندانِ اَہلِ بیت(1) |

**وضاحت:** اهلِ بيت جو شان بيان ڪرڻ وارن جو مقدر جنت آهي ۽ اي اهلِ بيت جا دشمنؤ! توهان لاءِ باهہ آهي، الله پاڪ آيتِ تطهير (اِنَّمَا يرِيدُ اللهُ لِيُذْهِبَ عَنكُمُ الرِّجسَ اَهلَ البَيتِ وَ يطَهِّرَكُم تَطهِيرًا) اهلِ بيت جو شان ۽ پاڪي بيان فرمائي آهي ۽ حضرت جبرائيل عَلَيهِ السَّلَام بہ اهلِبيت جي گهر ۾ بغير اجازت داخل ناهن ٿيندا ڇوتہ عزت وارا ئي اهلِ بيت جي عظمت سڃاڻن ٿا، هي ڪنهن بد بخت جي حڪومت آهي؟ هي ڪهڙو ظلم آهي؟ جو ڏينهن ڏٺي ئي اهلِ بيت جو قافلو لٽيو پيو وڃي، حق جي راهہ ۾ پنهنجي جان ڏيڻ ۽ پنهنجو سڀ ڪجهہ لُٽائڻ ڪو اهلِ بيت جي خاندان کان سکي! اوهان تي ساري عالَم جي جان فدا ٿئي.

## زمين ۽ آسمان رُنا، رت جي برسات ٿي

علّامہ اِبنِ حجر مڪي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه لکن ٿا: جڏهن حضرت امام حُسَين رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡه شهيد ڪيا ويا تہ سڄ کي گرهڻ لڳو، آسمان ڳاڙهو لال ٿي ويو، ٽن ڏينهن تائين دُنيا تي اونداهي ڇانيل رهي، ايستائين جو ڏينهن ۾ تارا نظر اچڻ لڳا، ڪيئي ڏينهن تائين آسمان مان رت ٽمندو رهيو، ان جي اَثر سان ديوارون ۽ عمارتون رنگين ٿي ويون، جيڪو ڪپڙو هن سان رنگين ٿيو، ان جي ڳاڙهاڻ پُرزو پُرزو ٿيڻ تي بہ نہ لٿي، بيت المقدس ۾ جيڪو پٿر ان ڏينهن کنيو ويندو هو، ان جي هيٺان تازو رت نڪرندو هو، هي عالَم ڏسي ماڻهن کي گمان ٿيو تہ شايد قيامت

[1] ...ذوقِ نعت، صفحہ:100-101-103ملتقطاً۔

قائِم ٿي وئي آهي.[1] مطلب زمين ۽ آسمان ۾ هڪ غم جي ڪيفيت هئي، تمام دُنيا رنج ۽ غم ۾ ٻڏل هئي، آسمان رُنو، زمين رُني، جنن جي غمگين شعر پڙهڻ جو آواز ٻڌو ويو. الله اڪبر!

| | |
|---|---|
| ہزاروں میں بہتّر(72) تَن تھے تسلیم ورضا والے | حقیقت میں خُدا ان کا تھا اور یہ تھے خدا والے |
| کسی نے جب وطن پوچھا تو حضرت نے یہ فرمایا: | مدینے والے کہلاتے تھے، اب ہیں کربلا والے |
| حسین ابنِ علی کی کیا مدد کر سکتا تھا کوئی | یہ خود مشکل کشا تھے اور تھے مشکل کشا والے |
| دوائے دَرْدِ عصیاں پنج تن کے در سے ملتی ہے | زمانے میں یہی مشہور ہیں دارُالشفا والے |

## ڪربلا زِندگي جو دَرس آهي

اي عاشقانِ رسول! يقيناً ڪربلا نهايت غمناڪ ۽ دِل ڏڪائڻ وارو واقعو آهي، پر ياد رکو! ڪربلا صِرف هڪ سانحو نہ هو، سانحا دُنيا ۾ ڪوڙ ٿيا آهن، ظُلم ۽ سِتَم جا وڏا وڏا داستان هن زمين تي رقم ٿيا پر اهي سڀ مٽجي ويا، اڄ ماڻهن جي دِل ۽ دِماغ ۾ اُنهن جو خيال تائين موجود نہ آهي، جيڪڏهن ڪربلا بہ صِرف هڪ سانحو هجي ها تہ اٽڪل 1 هزار 3 سو 82 سال ڪان بہ وڌيڪ عرصو گذرڻ باوُجُود هن کي ذِهنن ۾ ايئن تازو نہ رکيو وڃي ها، لِهٰذا ڪربلا صِرف هڪ سانحو نہ آهي، هي زِندگي جي درس بابت هڪ مڪمل ڪتاب بہ آهي، ڪربلا وارو واقعو اسان کي ڪاميابي جون راهون ٻڌائي ٿو، ترقي جا موقعا ڏيکاري ٿو، زِندگي جا اُصُول بہ سيکاري ٿو ۽ عظمت ۽ شان سان جيئڻ جو دَرس بہ ڏئي ٿو.

## رسالو "ڪربلا جو خوني منظر"

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت حضرت علّامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جو هڪ رسالو آهي: ڪربلا جو خوني منظر. هي رسالو

[1] ...الصواعق المحرقۃ، الباب الحادی عشر، فی فضائل اہل البیت، صفحہ:240-241۔

اَصل ۾ هڪ خط جو جواب آهي، ڪنهن اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي بارگاهه ۾ خط لکيو، جنهن ۾ ٻڌايو هو ته نيڪي جي دعوت جي راهه ۾ ڪيس رُڪاوٽون ۽ مشڪلاتون تنگ ڪن پيون، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ ان جي جواب ۾ ڪربلا جو خوني منظر بيان فرمايو ۽ ٻڌايو ته ڪربلا جي شهيدن ميدانِ ڪربلا ۾ جيڪي ظُلم برداشت ڪيا، جيڪي تڪيلفون سَنيون، اهي سڀئي نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي ڪري ئي هيون، لهٰذا جڏهن به نيڪي جي دعوت دوران رُڪاوٽ اچي ته امام حُسَين ۽ سندن ساٿين رَضِيَ اللهُ عَنْهُم تي ٿيندڙ يزيدي ظُلم ۽ سِتَم کي تَصَوُّر ۾ آڻيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيم! همّت ۽ حوصلو نصيب ٿيندو ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو جذبو پڻ ملندو.

سُبْحٰنَ الله! نيڪي جي دَعوَت عام ڪرڻ هڪ مسلمان جي زِندگي جو هڪ اَهم حِصو آهي، ڪربلا جي واقعي مان نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو جذبو به ملي ٿو ۽ هن راهه ۾ ايندڙ رُڪاوٽن اڳيان استقامت جو پهاڙ بڻجڻ، ظُلم ۽ سِتَم جا جبل ڪِرن يا طنز جا زهريلا تِير هلن، انهن جو جمي مقابلو ڪرڻ جو حوصلو به ملي ٿو. اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ پنهنجي شعرن ۾ ڪيتري پياري نصيحت فرمائن ٿا:

| | |
|---|---|
| رونا مصیبت کا مت رو تُو پیارے نبی کے دیوانے | کرب و بلا والے شہزادوں پر بھی تُو نے دھیان کیا |
| پیارے مبلغ! معمولی سی مشکل پر گھبراتا ہے | دیکھ حسین نے دین کی خاطر سارا گھر قربان کیا(1) |

## غَير مسلمن جا تَصَوُّر

هڪ غير مُسلِم هو، ان تي گهڻو ظُلم ۽ ستم ٿيو، هو چئي ٿو: مون 20 سال تائين جيل ڪاٽي، ناحق ظُلم برداشت ڪيا، هڪ رات مون فيصلو ڪيو ته مان ظالِم اڳيان جهڪي وڃان ٿو، پوءِ اوچتو مون کي حضرت امام حُسَين (رَضِيَ اللهُ عَنْهُ) ۽ ڪربلا جو واقعو ياد آيو، بَس! هن سان مون کي حوصلو مليو ۽ مان ظالِم جي

---

1...وسائل بخشش، صفحہ:197۔

اڳيان جمي بيهي رهيس. هڪ ٻيو غيرِ مسلم چئي ٿو: ڪربلا اها واحِد جنگ آهي جنهن شهادت سان گڏوگڏ انسانن کي اَخلاقي سبق به عطا ڪيو آهي.

الله اڪبر! اي عاشقانِ رسول! هي غير مسلم آهن، جيڪي ڪربلا مان سبق پرائي رهيا آهن، امام حُسَين رَضِیَ اللّٰہ عَنْه جي بي مثال استقامت کي ياد ڪري حوصلا بلند ڪري رهيا آهن. هن مان خبر پئي ته ڪربلا صِرف هڪ سانحو نه هو، هڪ دَرس به آهي، هڪ سبق به آهي، ڪربلا جو واقعو اسان کي زِندگي جا اُصُول به ٻڌائي ٿو ۽ شان سان جيئڻ به سيکاري ٿو.

انسان کو بیدار تو ہو لینے دو | ہر قوم پُکارے گی ہمارے ہیں حُسَین

## سَر! هي سڀ ته اسان کي ڪربلا به سيکاري ٿي...!!

هڪ اسلامي ڀاءُ ٻڌائن ٿا: مان B.A ۾ پڙهندو هئس، B.A جي انگلش ۾ هڪ ناوِل پڙهايو ويندو آهي، هڪ ڏينهن ٽيچر ان ناوِل بابت ليڪچر(Lecture) ڏنو، چوڻ لڳو: هن ناوِل جو مصنف هڪ يورپي مُفَڪر آهي، ٻئي عالمي جنگ ۾ هي هڪ فوجي طور شريڪ ٿيو هو، ٻي مهاڀاري جنگ کان بعد يورپ ۾ جيڪو انقلاب آيو، يورپ جيڪا ترقي ڪئي، ان انقلاب ۽ ترقي جو بنياد جن نظرين تي هو، اهي نظريا پيش ڪرڻ وارن مفڪرن ۾ هڪ مُفَڪر هن ناوِل جو مصنف به آهي، مصنف هن ناوِل ۾ پنهنجي مخصوص انداز ۾ ڪاميابي جا اُصُول ۽ ناڪامي جا سبب بيان ڪيا آهن. پوءِ ٽيچر ان ناوِل بابت ليڪچر شروع ڪيو: مصنف چئي ٿو: جيڪڏهن اسان زِندگي جي سَفَر ۾ ڪامياب ٿيڻ چاهيون ٿا ته ان جي لاءِ صبر ۽ برداشت جي سخت ضرورت آهي، اسان کي ڪاميابي جي لاءِ تحمل مزاج يعني قوتِ برداشت وارو ٿيڻ گهرجي، ڪاميابي جي لاءِ اسان ٻين تي ڀروسو نٿا ڪري سگهون، اسان کي پاڻ تي اعتماد ڪرڻو پوندو، پر هن سان گڏوگڏ اجائي خود اِعتمادي(Over confidence) کان به بچڻو پوندو وغيره.

اسلامي ڀاءُ ٻڌائي ٿو: ٽيچر ناوِل جي سٽوري مان ملندڙ سبق ٻڌائي رهيو هو ۽ منهنجي ذِهن ۾ ڪربلا وارو واقعو هلي رهيو هو، جيئن ئي ٽيچر پنهنجو

ليڪچر پورو ڪيو تہ مون يڪدم چيو: سَر! هي سڀ ڪجهہ تہ اسان کي ڪربلا بہ سيکاري ڇڏي، امام حُسَين رَضِيَ اللّٰہ عَنْہ اسان کي صرف صبر ٻڌايو نہ، بلڪ ڪري ڏيکاريو، حِلم، بُرد باري، قُوَّتِ برداشت، خود اعتمادي وغيره هي سڀئي اهي ڳالهيون آهن جيڪي امام حسين رَضِيَ اللّٰہ عَنْہ اسان کي توڙي جو لکي نہ ڏنيون، پر ڪري ضرور ڏيکاريون آهن.

منهنجي هي ڳالهہ ٻڌي ٽيچر حيرت ۾ پئجي ويو، پوءِ ڪجهہ دير بعد چيائين: ها! واقعي...!! يورپي مُفَڪر اسان کي ڪهاڻي لکي سمجهايو پر امامِ حُسَين رَضِيَ اللّٰہ عَنْہ هي سڀ ڪجهہ عملي طَور تي ڪري ڏيکاريو آهي.

انسان کو بیدار تو ہو لینے دو | ہر قوم پُکارے گی ہمارے ہیں حُسَین

## ڪاميابي جا 3 اُصُول

اهڙي طرح هڪ غير مسلم مُفَڪر آهي، ان پنهنجي طرفان هڪ تجزيو پيش ڪري چيو: زِندگي ۾ ڪاميابي جا 3 اُصُول آهن: (1): ٻُک برداشت ڪرڻ جي طاقت (2): انتظار (3): سوچڻ سمجهڻ جي صلاحيت.

هي ٽي اُصُول هڪ غير مسلم مُفَڪر بيان ڪيا، ٿورو هن ٽنهي اُصُولن کي سامهون رکي ڪربلا واري واقعي کي ذِهن ۾ آڻيو! ڪربلا ۾ اسان کي هي ٽئي ڳالهيون ملن ٿيون:

(1): غير مسلم مُفَڪر چيو: ڪاميابي جي لاءِ بک برداشت ڪرڻ جي طاقت ضروري آهي، ميدانِ ڪربلا ۾ اسان ڏسون ٿا: سخت گرمي آهي، ريگستان آهي، تپندڙ زمين آهي ۽ ڏينهن جي سخت بک اُڃ آهي، امام حُسَين رَضِيَ اللّٰہ عَنْہ کان وٺي ننڍڙي شهزادي حضرت علي اَصغر رَضِيَ اللّٰہ عَنْہ تائين سڀئي اڃايل آهن، خالي اُڃ هجي تہ ٻئي ڳالهہ آهي، اڃايل هئڻ سان گڏوگڏ جنگ بہ آهي ، پنهنجي طرفان جنگ ڪرڻ جو ڪو اِرادو بہ نہ آهي، اللّٰہ ۽ رسول جي عطا سان سڀ ڪجهہ ڪرڻ جي همت ۽ طاقت بہ آهي، اِختيار بہ آهي پر قربان وڃون! سخت اُڃ بہ انهن بُلند رُتبو رکندڙ هستين کي لوڏي نہ سگهي، چست يزيدي لشڪرن جي

يلغار انهن کي حق جي راهه کان هٽائي نه سگهي، آلِ رسول جا شير صِفَّت جوان سخت اُڃ جي باوُجُود يزيدين جا حواس خطا ڪري ڇڏين ٿا، هي انهن جي بي مثال استقامت ۽ باڪمال قُوّتِ برداشت آهي جو هي اجايل رِهي بهادري جا جوهر ڏيکاريندي شهادت کي ته سيني سان لڳائن ٿا پر حق ڳالهه کان ذرو برابر به پوئتي نٽا هٽن.

| | |
|---|---|
| يوں تو شہید لاکھوں ہوئے ہیں یہاں مگر | رُتبہ کسی کو آپ کے جیسا مِلا نہیں |
| لرزہ نہ بھوکا پیاسا بھی باطِل کے سامنے | میرے حُسَین جیسا کوئی دِل مِلا نہیں |

(2): غير مسلم مُفڪر بي ڳالهه ڪئي ته ڪاميابي جي لاءِ انتظار ضروري آهي، يعني جيڪو شخص ڪاميابي جو طلبگار آهي، اهو صبر سان ڪم وٺي، اطمينان سان دُرُست وقت جو انتظار ڪري، هڪ لمحو به بي صبري نه ڏيکاري. هي ڳالهه به امام حُسَين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي پاڪيزه سيرت ۾ ڏسو! انسان تي زِندگي ۾ ڏُک اچن ٿا، غَم اچن ٿا پر جيڪڏهن ڏُک ۽ غم جي خبر پهريان کان ملي وڃي ته اهي غم صِرف غَم نٽا رهن، جان جي لاءِ وبال بڻجي وڃن ٿا، مثال طور تي اسان مان هر هڪ کي موت اچڻو آهي، جيڪڏهن ڪنهن کي اڳ ۾ ٻڌايو وڃي ته توهان وٽ صِرف هڪ ڏينهن باقي آهي، اڳئين ڏينهن توهان کي موت ايندو ته شايد هو هڪ ڏينهن به اسان جي لاءِ وبالِ جان بڻجي وڃي، ڇهري تي مايوسي پکڙجي ويندي، دِل غَم ۾ ٻڏي ويندي، ڪجهه کائڻ پيئڻ لاءِ دِل نه چاهيندي پر قربان وڃون! امام حُسَين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي صَبر ۽ استقامت تي...!! امام حُسَين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي وِلادت ٿئي ٿي، گڏوگڏ جبريلِ اَمين عَلَيهِ السَّلَام شهادت جي ڪٽي حاضِر ٿين ٿا، اجا امام حُسَين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو ننڍپڻو آهي، سندن شهادت جون خبرون مشهور ٿي ويون آهن، پاڻ 55 سالہ زِندگي ڪربلا جي هوش خطا ڪندڙ تڪليفن کي سامهون رکندي گذاري، پاڻ کي خبر هئي ته ڪربلا جي ميدان ۾ بدبخت ماڻهو انتهائي ظالماڻي انداز ۾ مون کي شهيد ڪندا پر مجال آهي جو امام حُسَين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي استقامت ۾ ڪو فرق اچي، 55 سالن جي مبارڪ زِندگي ۾ ڪا هڪ

گهڙي بہ اهڙي نہ آهي جو جڏهن امام حُسَين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ بي صَبري جو مظاهرو ڪيو هجي، پاڻ ڪڏهن بہ هي دُعا نہ گُهريائون تہ ياالله پاڪ ! مون کي هن آزمائش مان نجات عطا فرماءِ، پاڻ صبر ۽ استقامت سان 55 سالن جي زِندگي ڪربلا جي انتظار ۾ گذاري ڇڏي ۽ آخرڪار ميدانِ ڪربلا ۾ پنهنجي نانا سائين، رحمتِ رحمٰن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي دِين تي پهرو ڏيندي نهايت عزّت ۽ شان و شوڪت سان شهادت جي رُتبي کي سيني سان لڳايائين.

گھر لُٹانا جان دینا، کوئی تم سے سیکھ جائے | جانِ عالَم ہو فدا اے خاندانِ اَہْلِ بیت[1]

(3): غير مسلم مُفَڪر تئين ڳالھ چئي تہ جيڪو ڪاميابي جو طلب گار آهي، ان جي لاءِ ضروري آهي تہ هو سوچڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيت رکندو هجي، يعني اُن تي ڪيترو ئي ڏکيو وقت ڇو نہ اچي، هو پنهنجي سوچڻ سمجهڻ جي صلاحيت کي گهٽ نہ ٿيڻ ڏي، هر وقت، هر حال ۾ سوچي سمجهي بهتر کان بهترين فيصلو ڪري. هي هڪ تمام مشڪل ڪم آهي، اسان وٽ ڪنهن شخص جو انتقال ٿي وڃي تہ ان جي گهروارن کي، والدين کي گهڻو سنڀلجي وڏي طريقي سان خبر ڏيڻي پوندي آهي تہ ڪٿي اوچتو غم جي خبر ٻُڌي هوش ئي نہ وڃائي ويهن پر قربان وڃون! امام حُسَين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي همّت ۽ حوصلي جو ڇا شان آهي...!! پاڻ حضرت علي اَصغَر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو لاش مبارڪ پنهنجي هٿن تي کڻن ٿا، حضرت علي اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو لاش مبارڪ کڻن ٿا، ڀاءُ، ڀائٽي، ڀاڻيجي، 72 ڄڻا ميدانِ ڪربلا ۾ امامِ حُسَين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي اکين جي سامهون شهيد ٿين ٿا، پاڻ خود اُنهن جي مبارڪ لاش کڻي خيمن وٽ رکن ٿا، اهڙي غم ۽ پريشاني جي باوُجُود هوش ۽ حَواس سلامت آهن، فيصلو ڪرڻ جي طاقت بحال آهي، تاريخ جي ڪنهن ڪتاب مان دُنيا جو ڪو شخص هي ثابت نٿو ڪري سگهي تہ امام حُسَين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ميدانِ ڪربلا ۾ غم جي شِدَّت سبب ڪو هڪ فيصلو بہ شريعت جي خِلاف ڪيو هجي، نہ! نہ...!! غَم جون آنڌهيون هلي

---

[1] ...ذوقِ نعت، صفحہ:103۔

رهيون آهن، ظُلم ۽ ڏاڍ جا جبل ڪري رهيا هئا ۽ نواسۂ رسول قرآن ۽ سُنّت کي مضبوط پڪڙي هرهر قدم عين شريعت جي مطابق کڻي رهيا آهن، نيٺ شهادت کي سيني سان لڳائن تا پر سندن همّت ۽ حوصلي ۾ ذرّي برابر به گهٽتائي نٿي اچي.

| | |
|---|---|
| ابنِ علی کے جیسا کوئی دوسرا نہیں | تیغوں کے سائے میں بھی جو دِل باختہ نہیں |
| ہو مثل آپ کے جو مہک دار یاحُسَین | صحنِ چمن میں کوئی گلِ ایسا کھلا نہیں |
| ہر سُو رواں ہے آج بھی سِکّہ حُسَین کا | سِکّہ یزیدیوں کا کہیں پر چلا نہیں |

اي عاشقانِ رسول! اهي سڀ ڳالهيون عرض ڪرڻ جو مقصد هي آهي ته ڏسو! اَڄُ جا مفڪر ڪاميابي، ترقي ۽ انقلاب جا جيڪي رستا ڏيکارين ٿا، ڏگها ڏگها ليڪچر (*Lecture*) ڏين ٿا، هي سڀ ڳالهيون اڄ کان اٽڪل 1 هزار 3 سو 82 سال پهريان امام حُسَين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ڪري ڏيکاري چڪا آهن، ميدانِ ڪربلا ۾ هي سڀ نظريات موجود آهن.

| | |
|---|---|
| وہ مشرقی پُکار ہو یا مغربی صدا | تفریقِ رنگ و نسل پہ غالِب ہے کربلا |
| شاعِر کسی خیال کا ہو یا کوئی اَدِیب | واعِظ کسی دیار کا ہو یاکوئی خطیب |
| دیکھو تو سلسلہ ادبِ مشرِقَین کا | دُنیا کی ہر زبان پہ قبضہ حُسَین کا |

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڇا اسان واقعي حسيني آهيون...؟؟

اي عاشقانِ رسول! اسان ٻُڌو! ڪربلا هڪ زِندگي جو درس آهي، اَڄُ جا مفڪر جيڪي نظريا بيان ڪري پنهنجو دُڪان چمڪائن ٿا، امامِ عالي مقام، امام حُسَين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ اهي سڀ اسان کي پهريان کان ميدانِ ڪربلا ۾ ڪري ڏيکاري چُڪا آهن. هاڻي اسان کي غور اِهو ڪرڻو آهي ته ڇا اسان به امام حُسَين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان، ڪربلا مان ڪجھ سکيو يا نه...؟؟ امامِ عالي مقام، امام

حُسَين رَضِیَ اللہُ عَنْہ عظيم هستي آهن، يقيناً هر عاشقِ رسول امام حُسَين رَضِیَ اللہُ عَنْہ سان محبّت ڪري ٿو، پاڻ کي حسيني به چئي ٿو ۽ پنهنجي حسيني هئڻ تي فخر به ڪري ٿو، بِلاشُبه حسيني هئڻ، امامِ حُسَين رَضِیَ اللہُ عَنْہ سان محبّت ۽ عقيدت رکڻ تمام وڏي سَعَادت آهي.

پر وڏي افسوس جهڙي ڳالهه هي آهي، ماڻهن جو هڪ وڏو تعداد آهي، جيڪو صِرف مُحَرَّمُ الحرام ۾، اهو به فقط دِيني اجتماعن ۾ ۽ اتي به محض زباني ڪلامي حسيني هوندا آهن. اسان غور ڪريون! ڇا اسان واقعي حسيني آهيون؟ ڇا اسان گهر ۾ به حسيني هوندا آهيون؟ گلي ۾، محلي ۾، دُڪان تي، ڪاروبار ڪندي، دفتر ۾، دوستن جي محفل ۾ ڇا اسان حسيني هوندا آهيون؟ جهڙو اَخلاق، جهڙو ڪردار، جهڙي پاڪيزه عادتون امام حُسَين رَضِیَ اللہُ عَنْہ جون هيون، ڇا اسان امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي پيروي ۾ اهڙا اَخلاق، اهڙو ڪردار، اُن جهڙيون عادتون اپنائڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا؟ عِلمِ دِين جو اهو مبارڪ سمنڊ جيڪو امام حُسَين رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي سيني ۾ ڇوليون هڻي رهيو هو، ڇا اسان اهو عِلم سکڻ ڏانهن اِڳتي وڌيا آهيون؟ اسان دِيني اجتماعن ۾ اچي امام حُسَين رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي شان ۽ عظمت جا نعرا لڳايون ٿا، تمام سٺي ڳالهه آهي پر جڏهن اسان گهر وڃي پنهنجي ٻارن جي هٿ ۾ موبائل ڏيون ٿا، انهن کي *T.V* هلائي ڏيون ٿا، ڇا اسان ڪڏهن غور ڪيو آهي ته هن موبائل ۽ هن *T.V* جي ذريعي ڇا اسان پنهنجي ٻارن کي حُسينيت ڏئي رهيا آهيون؟ اسان جو ٻار جڏهن ڪلهن تي ڪتابن جو بستو ڪڻي پڙهڻ ويندو آهي، ڇا اسان ڪڏهن سوچيو آهي ته ڇا هنن ڪتابن ۾ به حُسينيت موجود آهي يا نه؟

الحمد للہ! اسان امام حُسَين رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي مڃون به ٿا، امام حُسَين رَضِیَ اللہُ عَنْہ سان محبّت جي دعويٰ به ڪريون ٿا، پاڻ کي حسيني سڏيون به ٿا ۽ هن تي فخر به ڪريون ٿا پر افسوس! اسان ڪربلا مان سبق نٿا پرايون، امام حُسَين رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي سيرت تي هلڻ جي ڪوشش نٿا ڪريون، اسان جو ڪردار، اسان جا اَخلاق،

اسان جا طَور طريقا اسان جي حسيني هئڻ جي شاهدي نٿا ڏين.

آپ ہی تو کلمۂ طیب کے ٹھہرے پاسباں | آپ کے سَر ہی بقائے دِیں کا سہرا حُسَین!
ہم تو سچّا عشق بھی تم سے نہیں کر پائے ہیں | اور تم نے ہم سبھی کو خُون دے ڈالا حُسَین!

## يزيد جو بُرو ڪردار۽ دَرسِ عبرت

**پيارا اسلامي ڀائرو!** ٿورو غور ڪريو! امام حُسَين رَضِیَ اللہُ عَنْہ ايتري وڏي قرباني ڇو پيش ڪئي...؟ يقيناً ڪين تاج ۽ تخت ۽ حڪومت سان ڪو سروڪار نہ هو، پاڻ تہ جنّتي نوجوانن جا سردار آهن، اللہ پاڪ جي عطا سان جنهن کي جنت ۾ حڪومت ۽ سرداري ملي هجي، ان کي دُنيا جي عارضي حڪومت جو حِرص ڀلا ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ پر غور طلب ڳالهہ آهي، امام حُسَين رَضِیَ اللہُ عَنْہ آخر يزيد جي بيعت ڇونہ ڪئي؟ ڇا ڪين يزيد جي ذات سان اِختلاف هو؟ نہ... ڪين يزيد جي ذات سان اِختلاف نہ هو، ڪين يزيد جي ڪردار سان اِختلاف هو. جيڪڏهن يزيد بدبخت جو ڪردار بهتر هجي ها، هو بدانجام قرآن ۽ سُنّت جو پيروڪار هجي ها تہ امام حُسَين رَضِیَ اللہُ عَنْہ هر گز ان جي بيعت کان انڪار نہ ڪن ها پر ان بدبخت جو ڪردار سٺو نہ هو، ان جو اَخلاق چڱو نہ هو، ان جون عادتون بُريون هيون، يزيد فاسق هو، يزيد فاجِر هو، يزيد زاني هو، يزيد شرابي هو، يزيد قرآن ۽ سُنّت جي مخالفت ڪندو هو، ان ڪري امام حُسَين رَضِیَ اللہُ عَنْہ ان جي بيعت نہ ڪئي ۽ اهڙي لازوال قرباني پيش فرمائي.

هاڻي ٿورو غور فرمايو! جڏهن امام حُسَين رَضِیَ اللہُ عَنْہ يزيد جي بُري ڪردار سان خوش نہ ٿيا تہ جيڪڏهن اهو ئي ڪردار اسان جو بہ هجي، جيڪي عادتون يزيد جون هيون، اهڙيون ئي عادتون اسان جون بہ هجن، جيئن گندو اَخلاق يزيد جو هو، اهڙو ئي اسان جو بہ هجي ڇا امام حُسَين رَضِیَ اللہُ عَنْہ اسان سان خوش ٿيندا...؟؟

اڇو! ڏسون ٿا: يزيد جو ڪردار ڪهڙو هو؟ يزيد پليد ۾ اهي ڪهڙيون غليظ عادتون هيون، جن جي ڪري امام حُسَين رَضِیَ اللہُ عَنْہ ان جي بيعت ڪرڻ پسند نہ فرمائي:

## (1):يزيد سُنت بدلائڻ وارو هو

غيب جاڻڻ واري آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايائون اَوَّلُ مَنْ يُبَدِّلُ سُنَّتِى رَجُلٌ مِّنْ بَنِىْ اُمَيَّةَ يُقَالُ لَهٗ يَزِيْدُ منهنجي سُنّت کي بدلڻ وارو پهريون شخص بنو اُمَيہ مان هوندو، ان کي يزيد چيو ويندو.[1]

معلوم ٿيو: يزيد سُنّت کي بدلڻ وارو، خلافِ سُنّت ڪمن کي رواج ڏيڻ وارو هو، هو بدبخت پاڻ بہ سُنّتِ مُصطفيٰ جي پيروي نہ ڪندو هو ۽ ٻين کي بہ خِلافِ سُنّت ڪمن تي اُڀاريندو هو. هاڻي اسان ٿورو پاڻ تي غور ڪريون! اسان ڪيترين سُنتن تي عَمَل ڪريون ٿا؟ ڇا اسان جو لباس سُنّت جي مطابق آهي؟ اسان جي زِندگي جو انداز، اسان جو اُٿڻ ويهڻ، هلڻ ڦرڻ جو انداز، اسان جو چهرو، اسان جا طَور طريقا، اسان جون رسمون، ڇا هي سڀ ڪجھ سُنّت جي مُطابق آهن؟ اسان جي معاشري ۾ جڏهن ڪو سُنّت تي عَمل ڪري ٿو تہ ڇا ماڻهو ان کي ڳالهيون نٿا ٻڌائن؟ مٿي تي عمامو سجائڻ، چهري تي ڏاڙهي رکڻ، سُنّت جي مطابق لباس پائڻ واري تي آڱريون نٿيو کڄن؟ ڇا ان عاشِقِ سُنّت تي ٺٺول جا تِير نٿا هلايا وڃن...؟ افسوس! هاڻي بہ مسلمانن جو هڪ تعداد آهي جيڪو پاڻ تہ سُنّت جي راهہ کان پري آهن، ان سان گڏوگڏ سُنتن تي عمل ڪرڻ وارن کي ٺيڏي اکين سان ڏسن ٿا.

آہ! وہ دَور آیا کہ دیوانۂ نبی کے لئے | ہر ایک ہاتھ میں پتھر دِکھائی دیتا ہے

**پيارا اسلامي ڀائرو!** سُنّت جي مخالفت ڪرڻ ۽ خِلافِ سُنّت ڪمن کي رواج ڏيڻ يزيد جو بُرو ڪردار آهي، جيڪڏهن اسان حسيني آهيون ۽ اسان کي واقعي حسيني هئڻ گهرجي، تہ اسان کي گهرجي تہ اسان يزيد جي ان بُري ڪردار سان نفرت ڪريون، اسان پاڻ بہ سُنتن تي عمل ڪريون ۽ ٻين کي بہ سُنّت جي ترغيب ڏياريون.

[1]...تاريخ دمشق لابن عساکر، جلد:65، صفحہ:250۔

## سنّت جي فضيلت بابت 3 حديثون

(1): تاجدارِ رسالت، شَهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو [1]
(2): هڪ ڏينهن پياري آقا، مديني واري مُصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ 3 ڀيرا فرمايو: منهنجي نائِب تي الله پاڪ جي رَحمت هجي. عَرض ڪيو ويو: حُضُور! اوهان جا نائِب ڪير آهن؟ فرمايائون: منهنجي سُنّت سان مَحبَّت ڪرڻ ۽ ٻين کي سيکارڻ وارا[2] (3): رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مَنْ تَمَسَّكَ بِالسُّنَّةِ دَخَلَ الْجَنَّةَ يعني جنهن منهنجي سُنّت کي مضبوطي سان پڪڙيو هو جنت ۾ داخل ٿيندو.[3]

پڑوسی خُلد میں عطّاؔر کو اپنا بنا لینا | جہاں ہیں اتنے اِحساں اور اِحساں یارسولَ اللہ

الله پاڪ اسان کي سُنتن جو پيڪر بڻائي، اسان کي پاڻ بہ سُنتن تي عَمَل ڪرڻو آهي، ان سان گڏوگڏ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏيڻي آهي، هاڻي اهي نادان جيڪي مَعَاذَالله! نيڪي جي راهہ ۾ رُڪاوٽ بڻجن ٿا، سنتن تي عَمَل ڪرڻ وارن کي ٽيڙي نگاهن سان ڏسن ٿا، انهن تي ٺٺولون ڪن ٿا، انهن کي ڊڄڻ گهرجي، نيڪي کان روڪڻ يا ان راهہ ۾ رُڪاوٽ بڻجڻ ڪافِرن جو انداز آهي، وليد بن مغيره جيڪو وڏو گستاخِ رسول ۽ پڪو ڪافِر هو، الله پاڪ ان جو هڪ بُري صفت هي بيان فرمائي:

مَنَّاعٍ لِّلْخَيْرِ (پاره:29،سورۃ قلم:12) | ترجَموڪنزُالايمان: ڀلائي کان گهڻو روڪڻ وارو

الله! الله! معلوم ٿيو: نيڪي جي راهہ ۾ رُڪاوٽ بڻجڻ مسلمان جو نہ

[1]…تاريخ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔
[2]…جامع بيانِ عِلْم، بَابُ:عِلْم کے فضائل، جلد: 1صفحہ:201، حديث:220۔
[3]…جامع صغير، صفحہ:522، حديث:8603۔

ڪافِرن جو ڪم آهي، هڪ سچو حسيني نيڪي کان روڪيندو ناهي، بلڪ نيڪين تي اُڪسائيندو آهي. الله پاڪ اسان کي بہ نيڪ بڻجڻ ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

مجھے دے خود کو بھی اور ساری دنیا والوں کو | سدھارنے کی تڑپ اور حوصلہ یاربّ

## (2-9): يزيد پليد جون 7 بُريون عادتون

**پيارا اسلامي ڀائرو!** يقيناً امام حُسَين رَضِیَ اللہ عَنْہ يزيد پليد جي بُري ڪردار کان بخوبي واقف هئا، هاڻي اچو! ڏسون ٿا: امام حُسَين رَضِیَ اللہ عَنْہ پاڻ يزيد جي بُري ڪردار جي ڪيئن نشاندهي فرمائي. صدر الاَفاضِل، مفتي نعيم الدين مرادآبادي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ لکن ٿا: جڏهن امام عالي مقام، امام حُسَين رَضِیَ اللہ عَنْہ جي سامهون يزيد بدبخت جي بيعت پيش ڪئي وئي تہ پاڻ فرمايائون: لِاَنَّہٗ کَانَ فَاسِقًا، مُدْمِنَ الْخَمَرِ ظَالِماً يزيد فاسِق (يعني اعلانيہ ڪبيره گُناهہ ڪرڻ وارو)، شراب جو عادِي ۽ ظالِم آهي (پُلا مان اهڙي جي بيعت ڪيئن تو ڪري سگهان).[1]

## امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو خطبو

جڏهن امام حُسَين رَضِیَ اللہ عَنْہ ميدانِ ڪربلا ڏانهن وڃي رهيا هئا، رستي ۾ هڪ مقام تي پاڻ يزيدي لشڪر جي اڳيان خطبو ڏيندي ارشاد فرمايائون: اي انسانو! رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: بيشڪ جيڪو اهڙي حڪمران کي ڏسي، جيڪو ظلم ڪري ٿو، الله پاڪ جي حرام ڪيل شين کي حلال ڪندو هجي، الله پاڪ جو عهد ٽوڙيندو هجي، سُنّت جي مخالفت ڪندو هجي، ماڻهن ۾ گُناهن ۽ ظُلم ۽ زيادتي کي رواج ڏيندو هجي، ڏسڻ وارو جيڪڏهن اهڙي ظالِم کي ٻُرن ڪمن کان نہ هٿ سان روڪي، نہ زبان سان روڪي، الله پاڪ تي حق آهي تہ ان (ڏسڻ واري) کي ان (ظالِم) سان گڏ رکي. انسانو! ٻُڌو...!! بيشڪ انهن يزيدين شيطان جي اطاعت کي لازِم پڪڙيو،

---

[1] ...سوانح ڪربلا، صفحه:114.

رحمٰن جي اطاعت کي ڇڏي ڏنو، ماڻهن ۾ فساد پکيڙيو، الله پاڪ جي حدن کي پائمال ڪيو، الله پاڪ جي حرام ڪيل شين کي حلال ۽ حلال ڪيل شين کي حرام قرار ڏنو ۽ مان هن ڳالهه جو گهڻو حق رکان ٿو.[1] تہ اهڙي ظالِم جي سامهون حق ڳالهه چوان.

اي عاشقانِ رسول! امام حُسَين رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه يزيد پليد جي 7 بُرين عادتن بابت ٻڌايو: (1): يزيد فاسِق آهي (2): يزيد شرابي آهي (3): يزيد ظالِم آهي (4): يزيد رحمٰن جي اطاعت کي ڇڏي شيطان جي پيروي ڪري ٿو (5): يزيد فساد ڦهلائي ٿو (6): يزيد الله پاڪ جي حدن کي پائمال ڪري ٿو (7): يزيد الله پاڪ جي حلال ڪيل شين کي حرام ۽ حرام ڪيل شين کي حلال ڪري ٿو.

## گُنَاهن جي نحوست!

هاڻي اسان پنهنجي ڪردار تي غور ڪريون! يزيد فاسق هو، فاسق ان کي چئبو آهي: جيڪو اِعلانيہ گُنَاهہ ڪندو هجي. اسان وٽ ڪيترائي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي اعلانيہ گُناهن کان بچن ٿا؟ ڏاڙهي ڪوڙائڻ يا هڪ مٺ کان گهٽائين ٿا، ڪوڙ ماڻهو آهن جيڪي ڏاڙهي ڪوڙائي گهمندا وتن ٿا؟ ڳائڻ وڄائڻ اعلانيہ هلي ٿو، ڪار، بَس وغيره هلائڻ وارا وڏي آواز ۾ ڳانو هلائي گُنَاهہ بہ ڪري رهيا هوندا آهن ۽ پنهنجي گُناهہ جو اِعلان بہ ڪندا آهن. گهرن ۾ وڏي آواز سان ڳائڻ وڄائڻ هلي رهيا هوندا آهن، اِعلانيہ فلمون ڏنيون پيون وڃن، ڊراما ڏنا پيا وڃن، ڪٿي شادي هجي، تڏهن بہ سڄي محلي جي ننڊ حرام هوندي آهي ۽ خبر ناهي ڪهڙا ڪهڙا ڪبيره گُناهہ اعلانيہ ٿي رهيا هوندا آهن.

ڪربلا جي واقعي جو دَرس هي آهي ۽ اَصل حسيني هئڻ ان کي چيو ويندو آهي تہ اسان گُناهن کان بچون. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ مَنْ یُّشَاقِقِ الرَّسُوْلَ مِنْۢ بَعْدِ مَا تَبَیَّنَ لَهُ

ترجَموڪنزُالعرفان: ۽ جيڪو ان کان پوءِ جو ان جي لاءِ هدايت بلڪل واضح

[1]…تاريخ طبرى، جلد:3، صفحہ:306 خلاصةً۔

الْهُدٰى وَ يَتَّبِعْ غَيْرَ سَبِيْلِ الْمُؤْمِنِيْنَ نُوَلِّهٖ مَا تَوَلّٰى وَ نُصْلِهٖ جَهَنَّمَ ۚ وَ سَآءَتْ مَصِيْرًا ﴿۱۱۵﴾

(پاره:5،سورۃ نساء:115)

تي چڪي هئي رسول جي مخالفت ڪري ۽ مسلمانن جي راھ کان عليحده واٽ هلي تہ اسان ان کي اوڏانهن ئي ڦيري ڇڏينداسين جيڏانهن اهو ڦري ٿو ۽ ان کي جهنم ۾ داخل ڪنداسين ۽ اها ڪيتري بُري موٽڻ جي جاءِ آهي.

پياري آقا، مديني واري مُصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اِنَّ اللهَ فَرَضَ فَرَائِضَ فَلَا تُضَيِّعُوْهَا الله پاڪ ڪجھ فرض مقرر ڪيا آهن، انهن کي ضايع نہ ڪريو، وَحَرَّمَ حُرُمَاتٍ فَلَا تَنْتَهِكُوْهَا ڪجھ شيون حرام ڪيون آهن، انهن کي هلڪو نہ سمجهو، وَحَدَّ حُدُوْدًا فَلَا تَعْتَدُوْهَا ۽ ڪجھ حدون قائم ڪيون آهن انهن کان اڳتي نہ وڌو، وَسَكَتَ عَنْ أَشْيَآءَ مِنْ غَيْرِ نِسْيَانٍ فَلَا تَبْحَثُوْا عَنْهَا ۽ ان (توهان تي رحمت فرمائيندي) ڇاڪاڻ ڪجھ شين کان خاموشي اختيار ڪئي آهي، انهن جي جستجو نہ ڪريو.[1]

## شراب بُرائين جي جڙ آهي

امام حُسَين رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه فرمايو: يزيد شرابي آهي. افسوس! افسوس...!! اسان جي معاشري ۾ بہ شراب عام پيتو پيو وڃي، توڙي جو شراب تي قانوناً پابندي آهي پر لڪين ماڻھو شراب پيئن ٿا، جڏهن تہ شراب حرام آهي، هن کي اُمُّ الخبائِث (يعني بُرائين جي جڙ) چيو ويو، الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنَّمَا الْخَمْرُ وَ الْمَيْسِرُ وَ الْاَنْصَابُ وَ الْاَزْلَامُ رِجْسٌ مِّنْ عَمَلِ الشَّيْطٰنِ فَاجْتَنِبُوْهُ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۹۰﴾ (پاره:7،سورۃ مائده:90)

ترجمۂ ڪنزُالعرفان: اي ايمان وارؤ! شراب ۽ جوا بت ۽ قسمت معلوم ڪرڻ جا تير ناپاڪ شيطاني ڪم ئي آهن سو انهن کان بچندا رهو تہ توهان ڪامياب ٿيو.

[1]...سنن دار قطنی، کتاب الرضاع، جلد:4، صفحہ:217، حدیث:4350۔

## ظُلم جي مَذمّت

امام حُسَين رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمايو: يزيد ظالِم آهي. اسان جي معاشري ۾ ظُلم جي بہ گهڻائي آهي. ڪوڙ سارن ماڻهن جي ذِهن ۾ هي تَصَوُّر هوندو آهي تہ ظُلم صرف قتل و غارت ئي کي چئبو آهي، جڏهن تہ ايئن نہ آهي، ناحق قتل بہ ظُلم آهي، ڪنهن کي ناحق ٺڦ هڻڻ بہ ظُلم آهي، ڪنهن جي رقم ڦٻائڻ، گاريون ڏيڻ، عزّت پامال ڪرڻ، ايستائين جو ٻين کي اکيون ڏيکاري ڊيڄارڻ، حديثن ۾ انهن کي بہ ظُلم قرار ڏنو ويو آهي.

هاڻي ٻڌايو! اسان مان ڪيترا آهن جيڪي ظُلم کان بچن ٿا، اسان مان ڪيترا آهن جيڪي ٻين جا حق پُورا ڪن ٿا ۞ مجمعي ۾ ٻين جي عزّت پائمال ڪرڻ ۞ ماڻهن کي ڊيڄارڻ ۞ ڌمڪيون ڏيڻ ۞ قرض ڦٻائڻ ۞ ناحق تڪليف پهچائڻ، هي سڀئي ظُلم جون صُورتون گهڻيون عام آهن، حالانڪ هي يزيدي ڪردار آهي، جيڪڏهن اسان حسيني آهيون تہ اسان کي گهرجي تہ مسلمانن جو احترام ڪريون، ٻين جي جاني، مالي هر طرح جا حق پُورا ادا ڪريون. اللہ پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ كَذٰلِكَ اَخْذُ رَبِّكَ اِذَاۤ اَخَذَ الْقُرٰى وَ هِیَ ظَالِمَةٌؕ اِنَّ اَخْذَهٗۤ اَلِیْمٌ شَدِیْدٌ ﴿۱۰۲﴾ (پاره:12،سورهٔ هود:102) | ترجَموڪنزُالايمان: ۽ تنهنجي رب جي پڪڙ اهڙي ئي هوندي آهي جڏهن اهو ڳوٺن کي پڪڙيندو آهي جڏهن تہ اهي ڳوٺ وارا ظالم هجن بيشڪ ان جي پڪڙ وڏي سخت دردناڪ آهي. |

علامہ صاوي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا تہ هر ظلم ڪرڻ واري تي لازم آهي تہ هو پنهنجي ظلم کان توبہ ڪري ۽ ظلم ڪرڻ ڇڏي ڏي، ۽ جنهن جو جيڪو حق ڦٻايو هجي اهو ان کي موٽائي ڏئي تہ جيئن هو هن عظيم وعيد ۾ داخل نہ ٿئي

چوڻ هي آيت اڳوڻين امتن سان خاص نہ آهي بلڪ هر ظالم ڪي عام آهي.[1]

الله پاڪ اسان کي مسلمانن سان حُسنِ سُلُوڪ سان پيش اچڻ ۽ انهن تي ڪنهن بہ طرح سان ظلم ۽ زيادتي ڪان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي.

## شيطان جي پيروي ڪرڻ يزيدي ڪردار آهي

اهڙي طرح امام حُسَين رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمايو: يزيد رحمٰن جي اطاعت ڇڏي ٿو، شيطان جي پيروي ڪري ٿو.

الله! الله! هي تہ وڏو امتحان آهي ۞نماز پڙهڻ رحمٰن جي اطاعت آهي، نہ پڙهڻ شيطان جي پيروي آهي، اسان مان ڪيترا ماڻهو پڪا نمازي آهن؟ ۞نيڪي ڪرڻ رحمٰن جي اطاعت آهي، گُناهن ۾ پوڻ شيطان جي اطاعت آهي، اسان مان ڪيترا ماڻهو گُناهن ڪان بچن ٿا؟ ۞رمضان جا روزا رکڻ رحمٰن جي اطاعت آهي، روزا نہ رکڻ شيطان جي پيروي آهي، غور فرمايو! ڪيترا ماڻهو روزا رکن ٿا؟ ۞ماءُ پيءُ جي اطاعت ڪرڻ ۞ پيئرن پائرن جا حق پُورا ڪرڻ ۞ زال جا حق پُورا ڪرڻ ۞مسلمانن جي عزّت ڪرڻ ۞پُورو پُورو اسلام ۾ داخِل ٿيڻ، رحمٰن جي اطاعت آهي، ان جو اُبتڙ ڪرڻ شيطان جي پيروي آهي ۞ ڪوڙ ڳالهائڻ، غيبت ڪرڻ، چغلي هڻڻ، وعده خِلافي، گار گند، هي سيئي گُناهہ آهن، شيطان جي پيروي آهي، اسان مان ڪيترا ماڻهو انهن گُناهن ڪان بچن ٿا؟

هي يزيد جو بُرو ڪردار آهي، هي سڀ اهي ڳالهيون آهن جن جي بنياد تي امام حُسَين رَضِیَ اللہُ عَنْہ يزيد جي بيعت ڪان انڪارڪيو هو، ميدانِ ڪربلا ۾ لازوال قرباني پيش فرمائي هئي، اسان غور ڪريون! خدانخواستہ اسان جو ڪردار بہ اهڙو ئي آهي، الله نہ ڪري اسان شيطان جي پيروي ڪرڻ وارا، فاسق ۽ فاجر بڻجون تہ ٿورو سوچيو! ڇا امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ اسان سان خوش ٿي ويندا؟ هر گز نہ. هي سڀ ڳالهيون اسان کي ڪربلا مان سکڻ لاءِ مليون آهن، لهٰذا جيڪڏهن اسان سچا حسيني آهيون تہ اسان کي گهرجي تہ اسان يزيدي ڪردار

[1] ...تفسير صاوی، پاره:12، سورهٔ ہود، تحت الآية:102، جلد:3، صفحہ:931۔

ڪان بچون، محض گفتار جا نہ، ڪردار جا حسيني بڻجي وڃون. اللّٰہ پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

## (11):يزيد ۽ دُنيا پرستي

اي عاشقانِ رسول! هڪ اَهم ڳالھ جيڪا اسان کي ڪربلا مان سکڻ لاءِ ملي ٿي، اها هي تہ يزيد بدبخت ميدانِ ڪربلا ۾ جيترو ظُلم ڪيو، ڪرايو، هي سڀ اَصل ۾ دُنيا جي محبّت ۽ لالچ جو نتيجو هو. شيخِ طريقت، امير اهلسنت، حضرت علّامه مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ فرمائن ٿا: يزيد پليد مال، ملڪيت ۽ شهرت جي مَحَبَّت جي ڪري ڪربلا جي پيانڪ واقعي ٿيڻ جو سبب بڻيو. ان ظالم بدانجام کي امامِ عالي مقام سيّدُنا امامِ حُسين رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ جي ذاتِ گرامي کان پنهنجي اقتدار کي خطرو محسوس ٿيندو هو. حالانڪ سيّدُنا امامِ عالي مقام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ کي فاني دنيا جي اقتدار سان ڪهڙو تعلق! پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ تہ ڪالھ بہ امتِ مسلمہ جي دلين جا تاجدار هئا، اڄ بہ آهن ۽ قيامت تائين رهندا.

نہ شمر ہی کا وہ ستم رہا، نہ یزید کی وہ جفا رہی | جو رہا تو نام حسین کا، جسے زندہ رکھتی ہے کربلا

## حُبِّ جاھ و مال جي مذمّت

اميرِ اهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ وڌيڪ فرمائن ٿا: حُبِّ جاھ ۽ مال (يعني شهرت ۽ دولت جي محبت) تمام گهڻو وَبال آهي، منهنجي پياري پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ معظم آهي: ”ٻہ بُکيا بگهڙ ٻڪرين ۾ ڇڏيا وڃن (تہ) اهي ايترو نقصان ناهن پهچائيندا جيتري دولت ۽ مرتبي جي لالچ انسان جي دين کي نقصان پهچائيندي آهي.[1]

نبين جا سردار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: حُبُّ الدُّنيا رَأْسُ كُلِّ خَطِيْئَةٍ

[1]...ترمذی ، کتاب الزہد، صفحہ:565، حدیث:2383۔

يعني دنيا جي محبت هر بُرائيءَ جي پاڙ آهي.[1] يزيدِ پليد جي دل ڇوته فاني دنيا جي مَحَبَّت سان ڀريل هئي، ان ڪري هو شهرت ۽ اقتدار جي هَوَس ۾ گرفتار ٿي ويو. پنهنجي انجام کان غافل ٿي ان امامِ عالي مقام ۽ سندس ساٿين جي بي گناهه قتل سان پنهنجي هٿن کي رنگيو، جنهن اقتدار جي خاطر ان ڪربلا ۾ ظلم ۽ ستم جا جبل ڪيرايا اها اقتدار ان جي لاءِ گهڻو عرصو باقي نہ رهي سگهي. بدنصيب يزيد صرف ٽي سال ڇهہ مهينا حڪومت جي تخت تي خباثت پکيڙي سن 64 ھ ۾ 39 سالن جي عمر ۾ عبرت جي موت مري ويو.[2]

وہ تخت ہے کس قبر میں، وہ تاج کہاں ہے؟ | اے خاک! بتا! زورِ یزید آج کہاں ہے؟

## بيان جو خُلاصو

اي عاشقانِ رسول! الحمد لله! اسان حسيني آهيون، اسان امامِ عالي مقام امام حُسَين رَضِيَ اللّٰه عَنْه سان محبّت ڪندڙ آهيون، امامِ عالي مقام دُنيا جي لاءِ دِين کي نہ ڇڏيو بلڪ دِينِ حق جي حفاظت جي خاطِر 72 ڄڻن جي قرباني پيش ڪئي، اسان کي بہ گهرجي تہ اسان سچّي حسيني هئڻ جو ثبوت ڏيون، امام حُسَين رَضِيَ اللّٰه عَنْه جي نقشِ سيرت تي هلون، عِلمِ دين سکون، ان تي عَمَل ڪريون، سنتون سکون، سُنتن تي پاڻ بہ عَمَل ڪريون، ٻين تائين بہ پهچايون، يزيد بدبخت فاسق هو، فاجر هو، سُنّت کي بدلڻ وارو هو، لعن طعن ڪرڻ وارو هو، ظالِم هو، شرابي هو، دُنيا جي محبّت ۾ گرفتار هو، ان ڪري اسان کي گهرجي تہ اسان ان جهڙي بُري ڪردار کان بچون، اسان حسيني آهيون، گفتار جا بہ حسيني بڻجون ۽ اَخلاق ۽ ڪردار جا بہ حسيني بڻجون.

از پئے چار یار، اے شہِ ذی وقار | اپنا شیدا بنا، یاشہِ کربلا!
چشمِ نَم دیجئے! اپنا غَم دیجئے! | از طفیلِ رضا یاشہِ کربلا!

---

[1] ... جامع الاصول فی احادیث الرسول ، الکتاب الثالث فی ذمّ الدنیا،جلد:4، صفحہ:457، حدیث:2603۔

[2] ...کرامات امام حسین، صفحہ:31۔

ابنِ شاہِ عرب! مرضِ عصیاں سے اب | دیدو مجھ کو شفا یاشہِ کربلا!
ایک مظلوم کو اپنے مغموم کو | آفتوں سے چھڑا یاشہِ کربلا!
دِل کو مل جائے چین المدد یا حُسَین! | ہوں بہت غمزدہ یاشہِ کربلا!
سُن لو فریاد کو آؤ اِمداد کو | ابنِ مشکل کشا یاشہِ کربلا! (1)

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! 10 محرم الحرام تي شهيدن جي سردار، حضرت امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي ايصال ثواب جو اهتمام ڪريو، گهرن ۾ محفلن جو اهتمام ڪريو ۽ يارهين شريف تي حسيني سيد، حضور غوثِ اعظم شيخ عبد القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ايصال ثواب جو بہ اهتمام ڪريو. اميرِ اهلسنت حضرت علامه مولانا محمد الياس عطار قادِري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ فرمائن ٿا: واپاري پنهنجي روزاني جي وڪري (*Sale*) جو هڪ سيڪڙو جڏهن تہ پگهار وارا پنهنجي هر پگهار جي رقم مان ڪم ازڪم 2 فيصد ڪڍن ۽ ماهوار يارهين شريف جي نياز ڪن تہ اِنْ شَآءَ الله الْكَرِيم! اُن جي روزي ۾ بَرَڪت ٿيندي. (جيڪڏهن گهر ۾ نياز ڪرڻ ۾ رُڪاوٽ هجي تہ ڪنهن بہ نيڪ ڪم ۾ اها رقم خرچ ڪريو.)

## ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني قافلو

اي عاشقانِ رسول! پڪو سچو حسيني بڻجڻ جي لاءِ، امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي سيرتِ پاڪ جو فيضان حاصِل ڪرڻ جي لاءِ عاشقان رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي سان وابستہ ٿي وڃو. هن سان گڏوگڏ دعوتِ اسلامي جي 12 دِيني ڪمن ۾ بہ خوب اِڳتي وڌي حِصو وٺو، اِنْ شَآءَ الله الْكَرِيم! امام حُسَين رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو فيضان نصيب ٿيندو ۽ دِين ۽ دُنيا جون ڪوڙ ڀلائيون هٿ اينديون. دَعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن ۾ هڪ ديني ڪم آهي: مدني قافلو.

الحمد لله! امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ ۽ ٻين شهداءِ ڪربلا جي ايصالِ ثواب جي لاءِ

[1]...وسائل بخشش، صفحہ:528 ملتقطاً۔

۽ ڪربلا جي اَصل مقصد تي عَمَل ڪرڻ يعني بُرائي کان روڪڻ ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ هزارين عاشقانِ رسول 8، 9، 10 ۽ 9، 10، 11 محرم الحرام تي مدني قافلن ۾ سَفَر ڪن ٿا، اسان بہ مدني قافلن ۾ سَفَر جي سعادت حاصل ڪريون، عَمَلي طَور تي ڪربلا وارن جي ياد ملهايون ۽ وڏو ثواب حاصِل ڪريون. اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## شرابي سُڌري ويو

هند جي اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستگي کان پهريان شراب نوشي، عَياشي ۽ هُل هنگامو ڪرڻ، گاريون ڏيڻ، والدين ۽ پاڙيسرين کي تنگ ڪرڻ، جُوا کيڏڻ منهنجو ڏينهن رات جو ڪم هو. هڪ ڏينهن دعوتِ اسلامي جي هڪ ذِمّيدار اسلامي ڀاءُ اِنفرادي ڪوشش ڪندي مون کي مدني قافلي ۾ سَفَر ڪرڻ جي ترغيب ڏياري. ان جي ترغيب تي مان 3 ڏينهن جي مدني قافلي جو مسافِر بڻجي ويس. مدني قافلي جي برڪت سان مون گناهن ڀري زندگي کان توبہ ڪري نمازن جي پابندي ڪرڻ وارو، فجر جي لاءِ مسلمانن کي جڳائڻ وارو ۽ ٻين کي مدني قافلن جو مسافِر بڻائڻ وارو بڻجي ويس.[1]

لوٹنے رحمتیں قافِلے میں چلو     سیکھنے سنّتیں قافِلے میں چلو
دل پہ گر زَنگ ہو، سارا گھر تنگ ہو     داغ سارے دُھلیں ، قافِلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب!     صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايپلي ڪيشن جو تعارف

اي عاشقانِ رسول! الحمد لله! دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمنٽ هڪ موبائل ايپليڪيشن جاري ڪئي آهي جنهن جو نالو آهي: *Online rohani ilaj & istikhara* (آن لائن روحاني علاج اينڊ استخارو) هن ايپليڪيشن ۾ ۞ آن لائن استخارو

[1] …برڪات مڪہ ومدينہ، صفحہ:18۔

۞ آن لائن مريد ۞ آن لائن روحاني علاج ۞ آن لائن ڪاٽ ۽ مختلف وظيفا يعني ۞ بيماري کان شفا ۞ غُربت کان نجات ۞ غم کان ڇوٽڪارو ۞ بلائن کان حفاظت ۞ ۽ دُعا جي قبوليت وغيره جا وظيفا شامل آهن. اوهان به پنهنجي موبائل ۾ هي ايپليڪيشن انسٽال ڪريو، پاڻ به فائدو کڻو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عيادت سُنَّتِ مُصطفيٰ آهي

2 فرامينِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ :(1): جيڪو مريض جي عيادت ڪري ٿو اهو جَنَّت جي باغات ۾ ويهي ٿو، جڏهن اهو ٻيهي ٿو ته 70 هزار ملائڪ رات تائين ان جي لاءِ دعا ڪندا آهن.[2] :(2): جيڪو ثواب جي اُمّيد تي پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي عيادت ڪري، ان کي جهنم کان 70 سال جي فاصلي تائين پري ڪيو ويندو.[3]

اي عاشقانِ رسول! مريض جي عيادت ڪرڻ سُنّتِ مُصطفيٰ بلڪ سُنتِ اَنبياء

[1] …مشكوٰة،كتابُ:الْاِيمان،بابُ:الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحه:55، حديث:175۔
[2] …شعب الایمان، مریض کی عیادت کا باب،جلد:6، صفحه:531،حدیث:9171۔
[3] …ابو داؤد ،کتاب:جنائز ، باب :وضو میں عیادت کی فضیلت، صفحه: 500، حدیث:3097۔

آهي ۞ نبين جي بہ نبي رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عادت سڳوري هئي تہ ڪنهن بہ صحابي(رَضِیَ اللہُ عَنْہ) جي بيمار ٿيڻ جي خبر ملندي هئي تہ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان جي عيادت جي لاءِ ويندا هئا ۞ جيڪڏهن ڪو شخص 3 ڏينهن مسجد کان غائب رهي تہ پاڻ ان بابت ماڻهن کان پڇندا هئا، جيڪڏهن هو بيمار هوندو هو تہ ان جي عيادت فرمائيندا هئا.[1] ۞ ۽ عِيادت جي لاءِ جيڪڏهن مديني شريف جي آخري ڪناري تائين بہ وڃڻو پئي ويندا هئا ۽ پنهنجي صحابي سڳورن (رَضِیَ اللہُ عَنْہم) جي عيادت ڪندا هئا.[2] ۞ مشهور مفسرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اخلاقِ ڪريمہ مان آهي تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هر امير ۽ غريب جي گهر بيمار پرسي جي لاءِ ويندا هئا.[3] ۞ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عادتِ سڳوري هئي تہ جڏهن ڪنهن مريض جي عِيادت لاءِ ويندا هئا تہ هي فرمائيندا هئا: لَا بَأْسَ طَهُوْرٌ اِنْ شَآءَ الله ( يعني: ڪو حرج جي ڳالهہ نہ آهي، الله پاڪ چاهيو تہ هي مرض (گناهن) کان پاڪ ڪرڻ وارو آهي) هڪ اعرابي (ڳوٺاڻي) جي عِيادت لاءِ ويا تہ هي فرمايائون: لَا بَأْسَ طَهُوْرٌ اِنْ شَآءَ الله ـ[4]

عيادت ۽ ڪيئي روحاني علاج بابت وڌيڪ معلومات جي لاءِ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو رسالو بيمار عابد پڙهو.

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرماءِ.

آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي ”بهارِ شريعت“ جلد:3، حصو: 16 ۽ شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو

[1] ...مسند ابی یعلی، جلد:3، صفحہ: 141، حدیث: 3429۔

[2] ... مسلم،کتاب: جنائز، مریض کی عیادت کا باب ،صفحہ:331، حدیث:925خلاصۃً۔

[3] ...مرآۃ المناجیح، جلد: 2، صفحہ:407۔

[4] ...بخاری،کتاب: المناقب، صفحہ:919، حدیث:3616 ۔

رسالو ”550 سنتون ۽ آداب“ خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر پڻ آهي.

| | |
|---|---|
| لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو |
| ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو | ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو |

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

آمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیِّین صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِالنَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (2)

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

[1]… افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]… افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

ويندا آهن.(1)

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف ڪي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(2)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.(3)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.(4)

---

[1] … القول البديع، الباب الثانی، ص277

[2] … افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3] … القول البديع، الباب الاول، ص3125

[4] … الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!          صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] … مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[2] … ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455